محلات جي عمارت کان ويهه فوٽ پري آهي.
مون کي شهنشاهه جي اجازت هئي ته اها ڀت
اورانگهي وڃان، مگر انهيءَ ڪرڻ سان ضرور ٿلهن

کي وڏو نقصان پهچي ها، جيتوڻيڪ پٿيون ڪن
پهڻن جون مضبوط جڙيل هيون ۽ چار انچ ٿلهيون
هيون. ساڳئي وقت ۾ شهنشاهه جي اها ڏاڍي مرضي
به هئي ته آءُ سندس محلات جو تجمل ڏسان. پر
انهن آءُ فقط ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪري سگهيس.
اهو سڀ وقت مون پنهنجي چاڪرن سان شاهي
باغ جي تمام وڏن درختن وڍڻ ۾ لڳايو، جو باغ
شهر کان اٽڪل هڪ سؤ يارڊ پري هو.

انهن وڻن مان مون وڏا سٽول يا سپاها ٺاهيا،
هرهڪ اٽڪل ٽي فوٽ وڏو هو ۽ اهڙو مضبوط
هو جو منهنجو بار کڻي سگهي. ماڻهن کي وري
ٻيو ڀيرو اطلاع ملڻ کان پوءِ آءُ وري به شهر مان
لنگهي، پنهنجا ٻئي سٽول هٿن ۾ کڻي محلات
ڏي ويس. جڏهن پاهرئين دالان جي پاسي وٽ
آيس تڏهن مون هڪڙي سٽول تي بيهي ٻيو سٽول
پنهنجي هٿ ۾ کنيم ۽ ڇت جي مٿان لنگهائي،
پهرئين ۽ ٻئي دالان جي وچ جيڪا اٺ فوٽ
ويڪري وٿي هئي، تنهن ۾ رکيم. پوءِ هڪڙي
سٽول تان لانگ وائي ٻئي تي پير رکيم ۽ پهرئين
سٽول کنڊي واري لڪڻ سان پنهنجي پٺيان
کڻي ورتم.

اهڙيءَ طرح آءُ اندرئين دالان ۾ گهڙيس. پوءِ

ناسي پر ليٽي پنهنجو منهن وچ وارن ماڙين جي
ڏورن وٽ جهلم، جي منهنجي لاءِ کولي ڇڏيون
هئائون. اندران جاڳون اهڙيون سهڻيون ڏسڻ ۾
ئي آيون جو ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر. اتي مون راڻي
۽ ٻيا شهزادا ڏٺا، جي پنهنجن پنهنجن جاين ۾
ويٺا هئا ۽ سندن مکيه خدمتگار سندن آس پاس
حاضر هئا. راڻي صاحبه مون کي ڏسي مهربانيءَ
جي نظر سان مرڪڻ لڳي ۽ دريءَ مان پنهنجو هٿ
ڪڍي مون کي ڏناءِ جو مون چميو.

آزاد ٿيڻ کان پوءِ اٽڪل ٻه هفتا پوءِ هڪڙي
ڏينهن صبح جو خانگي ڪمن وارو سيڪريٽري
فقط هڪڙو نوڪر ساڻ ڪري منهنجي گهر آيو.
هن پنهنجي ڳاڙهي پري نهاري خواهش ڏيکاري
ته آءٌ ساڻس ڪلاڪ ڪن خلاصي صحبت ڪريان.
هو جيڪو ته لائق ماڻهو هو ۽ ڏاهپ ۾ به مون کي
گهٽي ڪم آيو هو، تنهن ڪري مون اها ڳالهه
هڪدم قبول ڪئي. مون چيو ته آءٌ ليٽي پوان.
ته هو منهنجي ڪن لاءِ ٺاهي. پر هن جي مرضي
هئي ته آءٌ هن کي هٿ ۾ کڻي جهليان ته مون
سان گفتگو ڪري.

هن ٻهون مولڪي پنهنجي چولڪاري جي مبارڪ
ڏني ۽ چيائين ته "الهيءَ ۾ منهنجو ٻه هٿ هو. پر

جي دربار جي ماڻهن جي حالت نه هئي ها ته جيڪر توکي اهڙو جلد ڇوٽڪارو نه ملي ها. ڇا لاءِ جو جيتوڻيڪ ٻاهرين ماڻهن کي اسان جي حالت تمام چڱي ڏسڻ ۾ ٿي اچي ته به اسان ۾ به وڏيون خرابيون آهن. هڪڙي هيءَ ته ملڪ جي اندر دوطرفي، ناسازي ۽ مخالفت رهي ٿي ۽ ٻي هيءَ ته ٻاهرئين ملڪ جي هڪڙي زور ڀري دشمن جي ڪاهه جو دٻپ تو رهي. ٻهرينءَ خرابيءَ، بابت توکي خبر هئي ته گذريل ستر کن مهينن کان هن بادشاهت ۾ ٻن مخالف ڌرين جي وچ جهيڙو هلندڙ آهي، جنڪي وڏيون ڪُڙيون ۽ ننڍيون ڪُڙيون تا سڏين.

” ڇوڻ ڀراچي تو ته وڏين ڪڙين وارا اسانجن قديم قاعدن جي فائدي ۾ آهن. ۽ انهي هوندي به شهنشاهه رڳو ننڍين ڪڙين جي وسيلي ڪم هلائڻ جو ٺڪو ٺهراءِ ڪيو آهي. توکي معلوم ٿيو هوندو ته سڀ عهدا هو انهيءَ طرف وارن کي تو ڏئي. هن جون ڪڙيون ٻين دربار وارن جي ڪڙين کان تمام ٿورو ته به هڪ ڏرر ننڍيون آهن، ۽ ڏرر هڪ انچ جي چوڏهين ڀڃيءَ جي ماپ آهي. انهن ٻنهي طرفن جي وچ ايتري مخالفت آهي جو هو هڪ ٻئي جو

لکي ڪاني پين، لکي هڪ ٻئي سان ڳالهائين.
وڏين ڪُرين وارا تعداد ۾ اسان کان گهڻا آهن،
مگر حڪومت ساري اسان جي هٿ ۾ آهي.

”اسان کي اهو ڏپ آهي ته ولي عهد صاحب
جو لاڙو وڏين ڪُرين ڏي آهي. ڏسجي پيو ته
هنجي حتيءَ جي هڪڙي ڪُري نئي کان ٿورو مٿي
آهي، جنهن ڪري هلندي هو منڊڪائي ٿو.
هاڻي هنن اندروني جهيڙن جهڳڙن هوندي اسان
کي پاسي واري ٻيٽ بليفسڪو جي بادشاهه جي
ڪاهه جو ڏپ آهي. اها ۽ دنيا جي ٻي وڏي
بادشاهت آهي ۽ اهڙي وڏي زور ڀري آهي
جهڙي هيءَ.

”تون جو چوندو آهين ته دنيا ۾ ٻيون به
بادشاهتون ۽ رياستون آهن جن ۾ تو جهڙا وڏي
قد جا ماڻهو رهندا آهن، سا ڳالهه اسانجن ڏاهن کي
اعتبار ۾ نٿي اچي. هو ويساهه ڪن ٿا ته تون چنڊ
مان يا ڪنهن ٻئي تاري مان هيٺ ڪري پيو آهين.
ڇو ته تو جهڙا هڪ سؤ ماڻهو ٿوري ئي وقت
۾ ساري بادشاهت جا ميوا ۽ ڍور ڍڳا چٽ ڪري
ڇڏيندا. ۽ اسانجا تاريخ نويس، جنهن هزارن مهينن
جا ۽ انهن ٻن بادشاهتن لللي پٽ ۽ بليفسڪو کان
سواءِ ٻي ڪنهن جو ذڪر نٿا ڪن.

" هاڻي بڌ. هي ٻه وڏيون بادشاهتون گذريل
ڇهن مهينن کان سخت جنگ ڪنديون آيون
آهن. اها جنگ هيٺين سببن ڪري شروع ٿي.
سڀ قبول ڪن ٿا ته ڪائڻ کان اڳي آنن ڀڃڻ جو
پھريون رستو آهي اُهو جي مرڪري چيڙتي
ٿي. پر اسان جي شهنشاهه جو ڏاڏو جڏهن اڃا
ٻار هو تڏهن آني ڪائڻ مهل اڳوڻي دستور
موجب آنو جو ڀڳائين ته اتفاق سان پنهنجي
هڪڙي آڱر وڍي وڌائين. تنهن تي شهنشاهه
جي ڏاڏي هڪڙو قاعدو جاري ڪيو ته سڀ
رعيتي ماڻهو آنن جا ننڍا پاسا ڀڃن ۽ نه سخت
سزا ملندين.

" ماڻهن کي انهيءَ قاعدي جي نسبت ۾ اهڙو
سخت اعتراض هو جو اسانجا تاريخ نويس چولتا
ته انهي ڪري ڇهه فساد برپا ٿيا. انهن مان
هڪڙي ۾ شهنشاهه مارجي ويو ۽ ٻيو تخت تان
لاٿو ويو. اهي اندروني جنگيون بليفسڪو جي
بادشاهن جي چورت تي ٿينديون هيون. جڏهن
اهي بند ڪيون وييون تڏهن ڏهاري هميشه انهي
ملڪ ڏي ڀڄي ويندا هئا. حساب ڪيو ويو آهي
ته ٻارهن هزارن ماڻهن آنا ننڍي پاسي کان نه ڀڳا
پر موت قبول ڪيائون.

هاڻي وڏي پاسي کان پيڇ وارن پڳلن ماڻهن
بليشڪو جي دربار ۾ اثرو مان لڌو آهي ۽
انهنکي هن ملڪ جي خانگي طرفدارن کان اثري
مفتي مدد ملي آهي جو گڏيلن جتيهن مهمن ۾
پنهي بادشاهت جي وچ سخت لڙايون پي ٿيون
آهن، جن ۾ ڪڏهن هڪڙي ڪامياب پئي ٿي آهي
۽ ڪڏهن ٻي. انهي وچ اسانجا جاليهه وڏا جهاز
ناس ٿي ويا آهن، لنڊن جهازن جو ته ڳاڻيٽو ئي
ڪونهي. انهنکان سواء ٽيهه هزار چونڊيل سپاهي
۽ خلاصي مارجي ويا آهن. دشمن کي ته اسان کان
وڌيڪ نقصان پهتو آهي. انهيءَ هوندي به هاڻ
بيشمار جهاز تيار ڪيا آهن ۽ اسان تي ڪاهه ڪرڻ
وارا آهن. اسانجي شهنشاهه جو مهمجي همت ۽
طاقت ۾ گهڻو ڀروسو آهي. هن مونکي حڪم ڏنو
آهي ته هي سڀ احوال توکي ٻڌايان."

مون سيڪريٽريءَ کي چيو ته "شهنشاهه کي
منهنجون بندگيون ڏجو ۽ چئجو ته آءٌ پرديسي ماڻهو
آهيان تنهنڪري آءٌ ڀانيان ٿو ته مونکي مناسب
ناهي ته بين جي وچ دست اندازي ڪريان. پر
آءٌ شهنشاهه ۽ سندس ملڪ بچائڻ لاءِ سينئي ڪاهه
ڪندڙن سان وڙهڻ لاءِ تيار آهيان، پر جي انهيءَ
منهنجو ساهه ويو، ته حرڪت ڪانهي.

باب پنجون

ڪيپٽن گليور سڀ جنگي جهاز پڪڙي ٿو

بليفسڪو جو ملڪ هڪڙو ٻيٽ آهي جو لليپٽ جي اتر اڀرندي ڏي آهي. ٻنهي جي وچ ۾ هڪڙي ڪاري آهي جا اٺ سؤ يارڊ ڪشادي آهي. مون اڃا اها ڪين ڏٺي هئي ۽ جڏهن ڪاهه ٿيڻ جي ارادي جي خبر پيئي هيم تڏهن آءٌ چاهيس ٿي ٻجهي انهيءَ پاسي جي ڪناري ڏي نه وڃي سگهان، انهيءَ ڊپ کان ته دشمن جا جهاز، جنهن کي اڃا منهنجي خبر نه پئي هئي، سي متان ڏسي وٺن. جنگ هلندي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ آمدرفت ڪرڻ جي سخت منع ٿيل هئي ۽ حڪم ڀڃڻ واري کي موت جي سزا ملڻي هئي. شهنشاه جي ڪنهن به جهاز کي انهيءَ پاسي وڃڻ جي موڪل نه هئي.

مون شهنشاه کي دشمن جي سڀني جهازن پڪڙڻ جي رٿ بيان ڪري ٻڌائي. جاسوسن اسان کي پڪي خبر ڏني هئي ته جهاز بندر تي سڻائي واءُ جي انتظار ۾ تيار ٿيا بيٺا آهن. آزمودگار خلاصين کان ڪاريءَ جي عمق بابت پڇا ڪئي هئي، جو هنن گهڻائي ڀيرا انهيءَ ماپ ڪئي هئي. هنن چيو ته وچ ۾ وير چڙهڻ وقت اها ستر گنگلف اونهي هئي، يعني انگل ڇهه فوٽ. ٻيا پاڳا گهڻو گهڻو ته پنجاهه گنگلف هئا.

آءُ بليڪسٽو جي آمهون سامهون اُتر اڀرندي
واري ڪناري ڏي هليس. اُتي هڪڙي ٽڪريءَ
جي پليان ليٽي، مون پنهنجي ننڍي دوربين
ڪڍي ڏٺو ته دشمن جا جهاز لنگر هڻيو بيٺا هئا
۽ مڙيئي اٽڪل پنجاهه هئا. اُنهن کان سواءِ سامان ڪٽڪ
جون گهڻيون ننڍيون ٻيڙيون هيون. پوءِ آءُ موٽي
پنهنجي گهر آيس ۽ حڪم ڏنم ته گهڻا ۽ مضبوط
رسا ۽ لوهه جون سيخون موڪلي آڻي ڏيو. اهي
آندائون. رسو سُوليءَ جي ڏاڍي ڄڙو ٿلهو هو ۽
لوهه جون سيخون ٻ ڳهه لوڙي قد ۾ آن جي ڪم
جي سوئن جهڙيون هيون.

سُوليءَ ڪي ٽيڙو ڪري مون مضبوط رسو ڪيو
۽ ساڳي طرح سوئا ۾ ٽي ڳڏي وٽي مضبوط ڪيم
۽ اُنهن جون ڇهون موڙي ڪنڍي وانگي ڪري
ڪري ڇڏيم. پوءِ پنجاهه اهڙيون ڪنڍيون پنجاهه اهڙن
رسن ۾ وجهي آءُ وري ٻه اُتر اڀرندي واري ڪناري
ڏي ويس ۽ پنهنجو ڪوٽ ۽ جوتا ۽ جوراب لاهي
پنهنجي چمڙي صدريءَ ۾ سمنڊ منجهه گهڙي پيس.
ڌلو چڙهڻ ۾ اڃا اٽڪل اڌ ڪلاڪ پيو هو. جيترو
ٽڪڙو هلي سگهيس اوترو ٽڪڙو هليو وڃم اٽڪل
۽ اٽڪل ترسيس، تان جو پيرو وڃي وري
ٽِڪيءَ لي لڳم. اڌ ڪلاڪ جي اندر آءُ

دشمن جي جنگي جهازن تائين وڃي پهتس.
دشمن جا سپاهي مون کي ڏسي اهڙو ڊڄ
ويا جو جهازن تان ٽپي ٽري ڪناري تي ويا، جتي
ٽيهن هزارن کان گهٽ ماڻهو نه هوندا. پوءِ مون
پنهنجا رسا ڪڍيا ۽ هرهڪ جهاز جي چنهب
وٽ ٽنگ ۾ ڪنڍي اٽڪائي سڀ رسا گڏي
انهن جا ڇيڙا ڪٽي ٻڌم. جيسين مون اهو ڪم پ
ڪيو تيسين هنن ڪيترائي هزار تير ڇوڙيا، جنمان
گهڻا مون کي هٿن ۽ منهن ۾ لڳا. انهي سخت
ايذاءَ کان سواءِ هنن منهنجي ڪم ۾ به گهڻي حرڪت
ڪئي. مون کي گهڻو ڊپ پنهنجي اکين جو هو
۽ جي انهيءَ مهل انهن جي بچائڻ جي تجويز اوچتي
دل ۾ نه اچي ها ته جيڪر اهي وڃايان ها.
ٻين ڪن ننڍڙين ضروري شين سان گڏ مون
پنهنجي عينڪ ڳجهي کيسي ۾ لڪائي ڇڏي هئي.
اهي سڀ شيون شهنشاهه جي تلاش ڪندڙن
عملدارن جي نظر نه چڙهيون هيون. جيئن مون
مٿي به چيو آهي. اها عينڪ مون ڪڍي پنهنجي
نڪ تي مضبوط ڪري ٻڌي ڇڏي ته پل اکيون
کيل رهن. پوءِ بهادريءَ سان آءُ پنهنجي ڪم
لڳس ۽ دشمن جي تيرن جي ڪا به پرواهه ڪان
ڪيم. ڪيترائي تير عينڪ جي شيشن تي لڳا پر

اُنهن کي هيڏي هوڏي ڇوڙڻ کان سواءِ ٻيو نقصان
اُنهن کي نه پهچايائون.

جڏهن سڀ ڪئپٽن اڪاڻي رهيس تڏهن
رسن جي ڳنڍ جهلي ڇڪڻ لڳس ۽ هڪڙو جهاز
ٻه نه ڇڙيو، جا لاءِ جو اهي لنگرن سان مضبوط
ٻڌل هئا. اهو وڏيءَ بهادريءَ جو ڪم اجا منهنجي
لاءِ رهيو پيو هو. تنهن ڪري رسو ڪٽي ڇڏيم.
ڪئپٽن اُنهن ٻي جهازن ۾ لڳيون پيون هيون.
ڪمپ سان اهي رسا وڍي وڌم جي لنگرن سان
ٻڌل هئا. انهيءَ ڪم ڪندي مون کي اٽڪل ۾ سو
تير منهن ۽ هٿن ۾ لڳا. تنهن کان پوءِ رسن جي
ڳنڍيل ڳنڍ هٿ ۾ جهلي وٺي ڇڪيم ته آسانيءَ سان
دشمن جا پنجاهي وڏا جهاز منهنجي پٺيان هلندا آيا.

بليفسڪو جي ماڻهن کي منهنجي ارادي جي
ڪا ۽ خبر ڪا نه هئي، سي پهريائين ته حيران ٿي ويا.
هنن مون کي رسا وڍيندو ڏٺو هو ۽ پاڻيو هئائون ته
هي رڳو جهازن کي پنهنجي منهن ٽلڪڻ لاءِ ڇڏي
ڏيندو، جي شايد پاڻ ۾ لڳندا ۽ ٿڪندا. پر
جڏهن هنن ڏٺو ته سڀ جهاز ترتيب وار پيا هلن
۽ معلوم ڪيائون ته آءٌ سڀني کي ڇڪيندو وڃان،
تڏهن ڏک ۽ نااميديءَ ۾ اهڙيون رڙيون ڪرڻ
خيال ڪرڻ يا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

جڏهن آءٌ خوف جي جاءِ کان اهڙو بر خلاف ٿورو ترسي منهن ۾ هٿن مان ليرِ ڪيانه، مٿان هند ٿورو مرهم مکيم جو پرپندي پهچڻ وقت مونکي ڏنو هئائون، جيئن مون مٿي چيو آهي. پوءِ عينڪ لاهي، چڏيم ۽ ڪلاڪ ڪن آرام ڪيم. جڏهن وير ذرو هيٺ پيو تي تڏهن جهاز گهلي للي پٽ جي شاهي بندر تي صحيح سلامت اچي پهتس.

شهنشاهہ پنهنجي ساري دربار سميت ڪناري تي بيٺو هو ته ڏسي ته منهنجي ڪوشش جو ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري. جڏهن سيني ڏٺو ته جهاز اڌ گهيري ۾ هليا اچن پر مون تي هنن جي نظر ڪانه پيئي جو آءٌ اڌ تائين پاڻيءَ ۾ هوس. جڏهن آءٌ ڪاريءَ جي وچ ڌاري آيس ۽ ڳچيءَ تائين پاڻيءَ ۾ اچي ويس تڏهن هنن کي ڏاڍو ڏک ۽ انتظار ٿيڻ لڳو جو ڄاتائون ته آءٌ ٻڏي ويس ۽ دشمن جا جهاز وڙهڻ لاءِ ڪاهيندا اچن. پر مونکي اڳتي ڪاري ويئي ٿانگهي ٿيندي ۽ آءٌ اچي ڪين ويجهو ٿيس ۽ هو منهنجو ڳالهائڻ ٻڌي سگهڻ جهڙا هئا. تڏهن مونکي ڏسي هنجو انتظار لٿو. مون جهازن جي رسن جي ڳنڍ مٿي ڪري وڏي سڏ چيو ته ”خدا شل للي پٽ جي زور واري بادشاهہ کي وڏي حياتي ڏئي.“ جڏهن آءٌ رهي ڪناري

انهن کي هيڏيءَ هن شهنشاهه نهايت گهڻيءَ خوشيءَ سان
انهن کي ڏنو ۽ الي جو الي مولڪي نرواڪ جو لقب
ڏنائين، جو هن پر هڪڙو تمام وڏو خطاب آهي.
شهنشاهه مولڪي ڇپو نه ڏيکين جا باقي
جوڪي جهاز آهن سي سڀ ڪنهن بئي وقت
گهلي اچجون. اهي بادشاهه اهڙا طمع وارا آهن
جو سندن مرضي آهي ته بلبڪر جي سڄي
بادشاهت گڏجي هڪڙي ٿي وڃي، جو پوءِ
انهيءَ پنهنجي طرفان ڪو اراب يا فرمانفرما مقرر
ڪري هلائي. هنجي مرضي هئي ته آئن جي
وڏي پاسي پيچ وارا سڀ فسادي جي شهر ڇڏي
ويا هئا تنکي ماري ناس ڪري ڇڏي ۽ انهن
ماڻهن کي اگتي اهڙو لاچار ڪري جو هو پنهنجا آئا
ندي پاسي کان پڻ، جنهنڪري ساري شهنشاهت
جو هونئي هڪڙو بادشاهه ٿيندو.

پر مون هنکي انهي ارادي تان لاهڻ جي
ڪوشش ڪئي ۽ صاف طرح ٻڌايو ته بهادر ۽ آزاد
ماڻهن کي غلام ڪرڻ پر آءٌ مدد نه ڏيندس ۽
جڏهن انهي ڳالهه بابت مشورن جي وچ ۾ اهت
هايو تڏهن جيڪي عقل ۽ سمجهه وارا وزير هئا
سي منهنجي راءِ سان شامل ٿيا.

هيءَ جا پنهنجي راءِ مون همت ڪري ظاهر

۽ آيا ۽ هنڪي سندن بادشاه جي شان وٽان ۽
ڪم جي حالت موافق مرحبا ڪئي ويئي.

جڏهن عهدنامو پورو ٿيو، تڏهن بلبفسڪو جي
وڪيل مون سان اچي ملاقات ڪئي، جا لاءِ جو
مون الهي ڪم ۾ هنن جي گهڻي خيرخواهي ۽
طرفداري ڪئي هئي ۽ هنن مون کي معتبر
شمار ٿي ڪيو ۽ خانگي طرح ماڻهن کان هنن کي
خبر پيئي هئي ته آءٌ سندن خيرخواهه آهيان.
پوءِ ٿين هو منهنجي بهادري ۽ مهرباني جي
تعريف ڪرڻ لڳا، پوءِ مون کي هنن پنهنجي
بادشاهه جي طرفان پنهنجي ملڪ ڏي اچڻ جي
دعوت ڏني ۽ چيائون ته "اچي اسالکي پنهنجي
ٻي انداز طاقت جون ڪي ثابتيون ڏيئي ڏيکار،
جو الهي بابت اسان خبرون ڪوڙيون ڳالهيون پڌيون
آهن. الهي ۾ مون هنن کي راضي ڪيو، پر
جيڪي ڪيم تنهن جي تفصيل ڏيڻ سان پڙهندڙ
کي تڪليف نه ڏيندس.

جڏهن ڪجهه وقت ٿائين مون هنن کي خوش ڪيو
۽ خبرون پر وڏو تڏهن مون چيو ته "منهنجا گهڻا ناز
پنهنجي بادشاه کي ڏجو، جنهنجي تعريفن جي
تعريف ساري جهان ۾ پکڙيل آهي. اميد آهي
ته پنهنجي ملڪ ڏي روانو ٿيڻ کان اڳي آءٌ

اوهانجي بادشاه جي قدمبوسي ڪري ويندس."

انهي موجب ٻئي وقت جڏهن مون شهنشاه جي ملاقات جو شرف حاصل ڪيو تڏهن ڪانئس بليفسڪو جي بادشاه سان ملاقات ڪرڻ جي اجازت گهري.

هن اجازت ڏني، مگر مون سهي ڪيو ته ڏاڍي رنج سان ڏنائين. پر انهي جو سبب آءٌ معلوم ڪري نه سگهيس. مگر نيٺ مخفي طرح هڪڙي شخص کان مون کي معلوم ٿيو ته شاهي خزانچي ۽ امير البحر شهنشاه جي ڪن تي وڌو هو ته مون بليفسڪو جي وڪيلن سان رستو رکيو آهي ۽ سندس برخلاف آهيان. پر آءٌ يقين سان چوان ٿو ته انهي تهمت کان آءٌ آزاد هوس. انهي وقت کان وني پرينديءَ بادشاهن ۽ وزيرن جي نسبت ۾ خراب راءِ قائم ڪرڻ لڳس.

معلوم هجي ته انهن وڪيلن مونسان ترجمان جي وسيلي گفتگو ٿي ڪئي. انهن ٻنهي ملڪن جون ٻوليون اهڙيون علحديون هيون جهڙيون يورپ جي ڪن ٻن ملڪن جون آهن. هرهڪ ملڪ جا ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي قدامت ۽ خوبصورتيءَ ۽ پڪائيءَ جو فخر ڪندا هئا ۽ پاسي واري ملڪ جي ٻوليءَ ڏي نفرت ظاهر ڪندا هئا. انهيءَ هوندي

۽ اسان جي شهنشاهه، جو هند جي جهازن ڪڍڻ سان فتح حاصل ڪئي هئي ۽ هند لي قابض ٿيو هو، لنهڪري زور ڪري هند ٿي ۽ للي پٽ جي بولي ڳالهائڻ جو بار رکيو هئائين.

ٻر ايترو قبول ڪرڻ گهرجي ته ٻنهي بادشاهتن جي وچ ايتري آمدرفت ۽ سوداگري هلندي هئي ۽ الي جي دستور موجب شريف ۽ دولتمند ماڻهو دنيا ڏسڻ ۽ ماڻهن سان واقفيت رکڻ ۽ اخلاق سڌارڻ لاءِ ايترا پنهنجا جوان ماڻهو هڪ ٻي جي ملڪ ڏي موڪليندا هئا جو اهڙا ڪي وڏا ماڻهو يا سوداگر يا خلاصي ڪنارن تي رهڻ وارا ٿورا هوندا جي ٻنهي زبانن ۾ گفتگو ڪري نه سگهندا هوندا. اها ڳالهه مون کي تڏهن معلوم ٿي جڏهن آءٌ بلبفسڪو جي شهنشاهه جي سلام لي ويس. جيتوڻيڪ منهنجن دشمن جي بدخواهي ۽ وير ڪري مون تي گهڻيون ئي مشڪلاتون ۽ مصيبتون آيون هيون ته به منهنجي الهي ڀاڳ وچڻ مان مون کي گهڻو فائدو پهتو ۽ سک حاصل ٿيو، جنهن جو هيٺ موقع تي آءٌ بيان ڪندس.

باب ڇهون
گليور للي پٽ ڇڏي ٿو

هن بادشاهت ڇڏڻ جو بيان ڏيان تنهن کان اڳي پڙهندڙ کي خبر ڏيڻ مناسب آهي ته منهنجي برخلاف ٻن مهينن کان هڪڙو منصوبو لڪ چوريءَ ۾ پئي نهيو. هيستائين عمر ۾ مون ڌارين ملڪن جي بادشاهن وٽ نه گذاريو هو تنهن ڪري انهن جي مون کي ڪا به خبر ڪا نه هئي. جو پنهنجي حالت ۽ وسعت ڪري انهن وٽ رهڻ جي مون کي لياقت ڪا نه هئي. وڏن بادشاهن ۽ اميرن مختلف طبيعتن بابت مون پڙهيو گهڻو ئي هو، پر اها اميد مون کي نه هئي ته انهي جو خراب نتيجو آءٌ ههڙي پراڻهين ملڪ ۾ ڏسندس جتي منهنجي سمجهه موجب يورپ جي قاعدن کان بلڪل علحدا قاعدا جاري هئا.

مون اڃا بليفسڪو جي شهنشاهه ڏي وڃڻ جي تياري پئي ڪئي ته هڪڙو وڏو امير، جنهن تي بادشاهه جي مٿس ڪاوڙجڻ مهل مون گهڻا احسان ڪيا هئا، سو رات جو بند تيل ڪرسي ۾ لڪ چوريءَ منهنجي گهر آيو ۽ نالي ٻڌائڻ کانسواءِ اندر لنگهي آيو.

ڪرسي کڻڻ وارا هليا ويا ۽ مون امير کي ڪرسيءَ سميت کڻي پنهنجي وڏي ڪوٽ جي

ڪسي به وڌو. لڏڻ مون پنهنجي هڪڙي معتبر نوڪر کي چيو ته ماڻهن کي ٻڌاء ته آءٌ بيمار آهيان ۽ ستو پيو آهيان. پوءِ مون پنهنجي گهر جو در بند ڪيو ۽ ڪرسي ڪبسي مان ڪيئي مسئلي وڪمر جيئن هميشه ڪندو هوس ۽ پوءِ انهي جي پاسي پر واهي رهيس. امير ڏانهن خيال پر ڏسڻ پر آيو ۽ جڏهن مون انهيءَ جو سبب پڇيس لڏهن هن مون کي ٻڌايو ته "شهنشاهه پنهنجي مشيرن ۽ اميرن سان صلاح ڪري اهو حڪم ڪيو آهي ته دعا ڪرڻ جي ڪري لنهنجون اکيون ڪيائي. تن ڏينهن جي اندر سيڪريٽري لنهنجي گهر ايندو ۽ لوڪي حڪم پڙهي ٻڌائيندو."

ٿورو وقت انهي ڳالهه تي ويچار ڪري مون دل پر هڪڙو لهراءِ ڪيو جنهن لاءِ شايد مولتي واجبي طرح الزام اچي سگهندو. آءٌ قبول ٿو ڪريان ته منهنجي اُهوراڻي ۽ بي تجربي هٺ جي ڪري ٿي مون پنهنجون اکيون بچايون ۽ پنهنجي آزادگي حاصل ڪئي. جيڪڏهن مون کي انهيءَ وقت بادشاهن ۽ وزيرن جي طبيعتن جي خبر هجي ها جيئن پوءِ مون کي گهڻن ٻين بادشاهن ۽ ... معلوم ٿيون ۽ جي مون کي خبر ... مون کيان به وڌن ڏهاڙين کي

ڪهڙيون سزائون تيون ملن ته جيڪر آءٌ خوشيءَ سان اهڙي هلڪي سزا قبول ڪريان ها.

پر جوانيءَ جي ابهرائيءَ ڪري ۽ شهنشاهه جا مولڪي بليفسڪو جي بادشاهه وٽ وڃڻ جي اڳيئي اجازت ڏني هئي، تنهن موجب، مون وڃڻ جو پڪو نهراءُ ڪيو ۽ انهن ڏينهن گذرڻ کان اڳي ئي پنهنجي دوست سيڪريٽري ڏي هڪڙو خط موڪليم، جنهن ۾ لکيو مانس ته مون پڪو ارادو ڪيو آهي ته اڄ آءٌ بليفسڪو ڏي روانو ٿيندس.

هنجي جواب لاءِ به نه ترسيس ۽ آتي پيٽ جي انهي پاسي ويس جتي اسانجا جهاز بيٺا هئا. اتي هڪڙو وڏو جنگي جهاز پڪڙي انهيجي چونيءَ ۾ ڪٺي هڪڙو رسو ٻڌم. لنگر ڪٺي پنهنجا ڪپڙا لاهي ڪڇ ۾ جيڪو مٿان وجهڻ جو ڪٿو هوم سو به ڪپڙن سميت گنڍڙي ڪري ڪٺي انهي جهاز ۾ رکيم. پوءِ انهيکي ڇڪي اٿي هليس. ڪٿي پاڻي ۾ پند ٻي ڪيم، ڪٿي تريس ٿي. اٿين ڪندي آءٌ نيٺ بليفسڪو جي شاهي بندر تي آيس جتي گهڻي وقت کان منهنجي لاءِ منتظر بيٺا هئا.

هنن مونکي ٻه سونها ڏنا ته وڏي شهر ڏي وٺي هلن جنهنجو نالو به بليفسڪو آهي. مون انهن

سوالن کي ڪٿي ڇڏي ۽ ڪيو. جڏهن شهر جي
والي ڏي ڳالهه ٻي سون ٻارڙن جيتري پند کي
آيس، ڪڏهن مون هن کي چيو ته هاڻي وڃي
حضوري سيڪريٽريءَ کي منهنجي اچڻ جو ٻڌايو
۽ چيو ته آءٌ شهنشاهه جي حڪم جو منتظر ٿيو ويٺو
آهيان. ٿوري ڪن جي اندر جواب آيو ته شهنشاهه
پنهنجي شاهي ڪٽنب ۽ اميرن وزيرن سميت
منهنجي مرحبا ڪرڻ لاءِ اچي. آءٌ سڀ ٻارڙ سندن
لاءِ اڳيرو ويس.

شهنشاهه ۽ سندن عملو گهوڙن تان لهي پنڌ راڄي
۽ سندس ملازمن ڳالهيون مان لٿيون. مون ڏٺو
ته هن کي مون ته پرائي ڪري ڪوڙ هو. مون شهنشاهه
کي عرض ڪيو ته آءٌ پنهنجي ڪمال احترام موجب
آيو آهيان ۽ مولاڪي پنهنجي ڏني پڻ شهنشاهه اجازت
ڏني آهي ته حضور پنهنجي زيارت شهنشاهه جي
ملاقات جو شرف حاصل ڪريان ۽ وس آهر اهڙي
خدمت چاڪري ڪريان، جا پنهنجي بادشاهه ذاتهن
فرض جي ادائي ۽ اوهان عاليءَ شان موافق هجي.
مون پنهنجي اسٽيمر ۾ پنهنجي شهنشاهه جي لاءِ
جو ذڪر ڏوري ڪري، ڇا لاءِ جو اهڙا الوهي بابت
مولڪي ڪار ايڪي عمر ڪمال ولي عهدي ۽ ڪهڙي
.. ته آءٌ الوهي الله ڪري واقف هوس، مولڪي پنڪ

هئي تہ شهنشاھ کي انهي ڳجهہ جي ڪا بہ خبر
پوندي، جو آءٌ سندس وس کان ٻاهر هوس.
سگهو ئي معلوم ٿيو تہ انهي طرح خيال ڪرڻ
مون غلطي ڪئي.

هن ٻئي شهنشاھ وٽ منهنجي ڪهڙي مرحب
تي تنهنجي بيان ڏيڻ سان آءٌ پڙهندڙ کي تڪليف
نہ ڏيندس. اها اهڙي وڏي بادشاھ جي مهرباني
۽ شان وٽان هئي. گهر ۽ بستري جي لاءِ جيڪي
مونکي مشڪلاتون پيش آيون، تنهنجو بہ ذڪر نہ
ڪندس. مونکي لاچار پنهنجو ڪٽو ويڙهي زمين
تي سمهڻو پيو.

منهنجي اتي پهچڻ کان ٽي ڏينهن پوءِ پيٽ جي
اتر اڀرندي ڪناري تي گهمندي سمنڊ ۾ ڏيڍ ميل
پنڌ تي مونکي هڪڙي شيءِ ڏسڻ ۾ آئي جا
اوندي ٿيل ٻيڙيءَ وانگي نظر ٿي آئي. مون پنهنجا
جوتا ۽ جوراب ڪڍي لاٿا ۽ ٻن يا ٽن سون يارڊن تائين
اندر پاڻي ۾ هلندو ويس. ڏٺم تہ اها شيءِ وير جي
زور سان وچي ويجهي پوندي. تڏهن صاف معلوم
ٿيم تہ سچي پچي اها ٻيڙي آهي جا مون ڀانيو. تہ
ڪنهن جهاز نان طوفان جي زور سان ڇڄي آئي
آهي. تنهن تي هڪدم آءٌ موٽي شهر ۾ آيس ۽
شهنشاھ کي چيم تہ جنگي جهازن جي ڪڙڻ کان

پوءِ جيڪي ٻه ڳها جهاز بچيا آهن تن مان مولڪي
ويهه ڏيو ۽ ٽي هزار خلاصي ٻه ڏيو ۽ انهنجي مٿان
نائب امير البحر ٻه مقرر ڪري ڏيو.

اهي جهاز، جيسين آءٌ سنڌو ڪناري تي ويس
ليسن ٿوري انهي هند آيا جنهي مون پوءِ ٻندي
ٻيڙي ڏني هئي. مون ڏٺو ته وير انهن کي اچا
ٻه ويجهو آندو هو. سڀني خلاصين کي رسا ڏنا
ويا، جي مون اڳيئي وٺي مضبوط ڪيا هئا.
جڏهن جهاز اچي پهتا تڏهن مون پنهنجا ڪپڙا
لاٿا ۽ پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏيئي حتي ٻيڙي هئي انهي
ڪان سؤ وارن جي اندر آيس. پوءِ ٽري انهي
ٽانبن ويس.

خلاصن رسي جو ڇيڙو مولڪي اڇلائي ڏنو، جو مون
ٻيڙيءَ جي آڳيل ۾ هڪڙي ٽنگ ۾ ڳهيڙائي ٻڌي ڇڏيو
۽ رسي جو ٻيو ڇيڙو وري هڪڙي جنگي جهاز سان
ٻڌي ڇڏيم. پر مون ڏٺو ته منهنجو پورو هيو سڀ اڃايو
ٿيو، ڇا لاءِ جو پاڻي ٿار هو، لنهڪري آءٌ ڪو ٻه
ڪم ڪري نه سگهيس. لاچار ٽي ٽري ٻيڙيءَ جي
پنيان وڃي انهيڪي هڪڙي هٿ سان اڳتي ڌڪڻ
لڳس. وير سٽائي هئي لنهڪري ايترو وڏي آيس
جو ڪاڏي پاڻيءَ کان ٻاهر جهلي ۽ پير زمين تي رکي
گهيس. پر ٻا ٽي منٽ ساهي کڻي ٻيڙيءَ کي وري

ٻيو ٽيلهو ڏنم. نيٺ ڏکي ايڏي پاڻيءَ ۾ آندو مانس جو منهنجن ٻغلن تائين تي آيو.

مشڪل ڪم لهي ويو تنهن ڪري هاڻ مون پنهنجا ٻيا رسا ڪٽيا جي هڪڙي جهاز ۾ ٻڌي ڇڏيا رکيا هئا. اُنهن کي ٻهرين ٻيڙيءَ سان ٻڌم ۽ پوءِ ٻين نون جهازن سان ٻڌم جي مون کي ڏنا ويا هئا. واءُ سٺائو هو ۽ خلاصين ٻن ڏنا ۽ مون زور لاتو. انهي طرح اسين ڪناري کان چاليهن يارڊن تي آيا سين. جڏهن وير لٿي تڏهن آءٌ سڪي تي پنڌ ڪري ٻيڙي وٽ آيس. ٻن هزارن ماڻهن جي مدد سان رسن ۽ ڪلن جي وسيلي مون ٻيڙيءَ کي اُٿلائي سنئون ڪيو ۽ ڏٺم ته اُنهي کي ڪو گهڻو نقصان نه پهتو آهي.

گهڻين مشڪلاتن سان مون انهيءَ ٻيڙيءَ کي بليفسڪو جي شاهي بندر ۾ آندو تن جي ٻيان سان آءٌ ٻڌائيندڙ کي تڪليف نه ڏيندس. انهيءَ لاءِ مون کي ڪي وڏا ونجهه يا ٻن جوڙتا پيا، جن تي ڏهه ڏينهن ته پي مٿا هنيم. جڏهن آءٌ اُتي آيس تڏهن ماڻهن جا گوڙ اچي گڏ ٿيا ۽ هڙو وڏو جهاز ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. مون شهنشاهه کي چيو ته آءٌ نصيب وارو آهيان جو هيءَ ٻيڙي مون کي هٿ آئي آهي. اها مون کي ڪنهن هنڌ

ڪٺي ويندي، جتان آءٌ پنهنجي وطن ڏي موٽي
وڃي سگهندس. مون عرض ڪيس ته مون کي
وڃڻ جي موڪل به ڏني ۽ ماڻهن کي حڪم به
ڏني ته مولکي هنجي تيار ڪرڻ ۾ ضروري سامان
موجود ڪري ڏين. ٿوري تڪليف ڏيڻ کانپوءِ
هن اجازت ڏني.

انهيءَ وچ ۾ آءٌ حيران هوس ته ڪهڙي سبب
اسان جي شهنشاهه ڪو به پيغام مون ڏي بلبفسڪو
۾ ڪو نه موڪليو. پر پوءِ خانگي طرح مون کي
معلوم ٿيو ته شهنشاهه کي اڃا اها خبر نه هئي ته
مون کي سندس مصلحت جي ڪل پئي آهي. هن
سمجهيو ٿي ته سندس اجازت ۽ پنهنجي ڪيل
انجام موجب آءٌ فقط بلبفسڪو ڏي گهمڻ ويو آهيان،
جو درٻار وارن کي به اهڙي خبر هئي. هن ڄاتو
ٿي ته ايلچي بادشاهه سان ملاقات ڪرڻ کان پوءِ
ٿوري ئي عرصي ۾ موٽي ايندس. پر جڏهن مون
گهڻا ڏينهن لڳايا تڏهن البت بي آرام ٿيڻ لڳو.
خزانچيءَ ۽ ٻين منهنجن دشمنن سان صلاح ڪرڻ
کان پوءِ هڪڙو آبرو وارو ماڻهو مونڏي موڪليو
ويو ۽ جيڪو تهمت نامو مون تي جوڙيو هئائون
تنهن جو نقل قلم وار به ڏياري موڪليو هئائون.
انهي وڪيل کي اهو حڪم هو ته بلبفسڪو جي
بادشاهه کي پڌائي ته سندس شهنشاهه گهڻي مهرباني

ڪري منهنجي لاءِ فقط ايتري سزا مقرر ڪئي آهي ته منهنجون اکيون ڪڍي ڇڏجن، جو آءٌ انصافي محڪمن کان نڻائي پڇي آيو آهيان، ۽ جي آءٌ ٻن ڪلاڪن اندر موٽي نه ويندس ته منهنجو مرڻ جو خطاب موٽي ورتو ويندو ۽ مون کي دغاباز ۽ باغي شمار ڪيو ويندو. وڪيل هيترو به چيو ته جي بليفسڪو جو شهنشاهه ٻائي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ صلح رهي ته هڪدم منهنجا هٿ پير ٻڌائي دغابازيءَ جي سزا ڀوڳڻ لاءِ للي پٽ ڏي ڏياري موڪلي.

بليفسڪو جي شهنشاهه ٽن ڏينهن جي صلاح مشورت کان پوءِ گهڻن عزر خواهين ۽ ٻهانن جو جواب مٿن لفظن ۾ ڏياري موڪليو. اهو هي هو ته "هن جبل جهڙي ماڻهوءَ کي ٻڌي موڪلڻ بلڪل ناممڪن آهي، جيئن اوهان کي معلوم هوندو. جيتوڻيڪ هن منهنجا سڀ جهاز پڪڙي ورتا آهن ته به صلح ڪرائڻ ۾ هن گهڻي مدد ڏني آهي، تنهن ڪري آءٌ هن جو احسانمند آهيان. انهيءَ هوندي به اميد آهي ته اوهين ٿوري اسين ٻئي جلد خوش ٿينداسين ڇا لاءِ جو هن هڪڙو عظيم جهاز ڪناري تي لڌو آهي، جنهن تي هو چڙهي وڃي سگهندو. انهي جي تيار ڪرڻ لاءِ ڪيس مدد ڏيڻ واسطي مون حڪم جاري ڪيو آهي. اميد

ڪٽي ويندي، جتان آءٌ پنهنجي وطن ڏي موٽي وڃي سگهندس. مون عرض ڪيس ته مون کي وڃڻ جي موڪل به ڏني ۽ ماڻهن کي حڪم به ڏني ته مونکي هنجي تيار ڪرڻ ۾ ضروري سامان موجود ڪري ڏين. ٿوري تڪليف ڏيڻ کانپوءِ هن اجازت ڏني.

الهيءَ وچ آءٌ حيران هوس ته ڪهڙي سبب اسان جي شهنشاه ڪوبه پيغام مون ڏي بلبفسڪو ۾ ڪونه موڪليو. پر پوءِ خانگي طرح مون کي معلوم ٿيو ته شهنشاه کي اجا اها خبر نه هئي ته مون کي سندس منصوبن جي ڪل پئي آهي. هن سمجهيو ٿي ته سندس اجازت ۽ پنهنجي ڪيل انجام موجب آءٌ فقط بلبفسڪو ڏي گهمڻ ويو آهيان، جو ڏوهار وارن کي به ايتري خبر هئي. هن چاتو ٿي ته اتجي بادشاه سان ملاقات ڪرڻ کان پوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ موٽي ايندس. پر جڏهن مون گهڻا ڏينهن لڳايا تڏهن البت بي آرام ٿيڻ لڳو. خزانچيءَ ۽ ٻين منهنجن دشمن سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ هڪڙو آبروءَ وارو ماڻهو مونڏي موڪليو ويو ۽ جيڪو تهمت نامو مون تي جوڙيو هئائون تنهن جو نقل قلم وار به ڏياري موڪليو هئائون. انهي وڪيل کي اهو حڪم هو ته بلبفسڪو جي بادشاهه کي ٻڌائي ته سندس شهنشاه گهڻي مهرباني

ڪري منهنجي لاءِ فقط ايتري سزا مقرر ڪئي آهي ته منهنجون اکيون ڪڍي ڇڏجن، جو آءٌ انصافي محڪمن کان نڪاني پڄي آيو آهيان، ۽ جي آءٌ ٻن ڪلاڪن اندر موٽي نه ويندس ته منهنجو مرداڪ جو خطاب موٽي ورتو ويندو ۽ مون کي دغاباز ۽ باغي شمار ڪيو ويندو. وڪيل هيترو به چيو ته حي بليفسڪو جو شهنشاه پاڻئي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ صلح رهي ته هڪدم منهنجا هٿ پير ٻڌائي دغابازيءَ جي سزا ڀوڳڻ لاءِ لللي پٽ ڏي ڏياري موڪلي.

بليفسڪو جي شهنشاهه ٻن ڏينهن جي صلاح مشورت کان پوءِ گهڻن عزر خواهين ۽ ٻهانن جو جواب منهن لفظن ۾ ڏياري موڪليو. اهو هي هو ته "هن جبل جهڙي ماڻهوءَ کي ٻڌي موڪلڻ بلڪل ناممڪن آهي، جيئن اوهان کي معلوم هوندو. جيتوڻيڪ هن منهنجا سڀ جهاز پڪڙي ورتا آهن ته به صلح ڪرائڻ ۾ هن گهڻي مدد ڏني آهي، تنهن ڪري آءٌ هن جو احسانمند آهيان. انهيءَ هوندي به اميد آهي ته اوهين توڙي اسين ٻئي جلد خوش ٿينداسين ڇا لاءِ جو هن هڪڙو عظيم جهاز ڪناري تي لڌو آهي، جنهن تي هو چڙهي وڃي سگهندو. انهي جي تيار ڪرڻ لاءِ ڪيس مدد ڏيڻ واسطي مون حڪم جاري ڪيو آهي. اميد

آهي ته تورن تي هفتن ۾ ٻئي بادشاهتون هن کان
جيئي ٻولنديون.”

اهو جواب وٺي اهو وڪيل للي پٽ ڏي
موڪليو ويو ۽ ٻلمفسڪو جي شهنشاهه جهڪي ٿي
گذريو هو سو مون کي ٻڌايو. ساڳئي وقت ۾ هن
مخفي طرح مونکي چيو ته ”جي توهان مون وٽ
رهندين ته آءٌ توکي پوري پناهه ڏيندس.“ جيتوڻيڪ
هن جي سچيءَ نيت ۾ مون کي شڪ ڪونه هو،
ته به مون پڪو ارادو ڪيو هو ته وس پڄندي
آئينده بادشاهن يا اميرن ۾ ڪنهن ويساهه ڪين
رکندس. تنهن ڪري مون سندس شڪر گذاريءَ
ڪري ادب جي لحاظ سان معافي گهري. چيومانس
ته ”جڏهن چڱي يا ڀڄڙي قسمت هڪڙي ٻئي
مون کي ڏياري آهي، تڏهن آءٌ وري آزمائي
ڪري سمنڊ تي لڪي ويندس. هتي رهي ٻن
وڏن بادشاهن جي وچ ناسازي پيدا نه ڪندس.“
انهيءَ تي شهنشاهه ڪاوڙيو ڪين بلڪ هڪڙي
اتفاق مان مون کي معلوم ٿيو ته هو توڙي گهڻا
وزير امير منهنجي انهي ارادي ڪري ڏاڍا خوش
ٿيا.

انهن سببن ڪري ٻاڻ جلد روانگي ٿيڻ جي
مون کي خواهش ٿي. بادشاه توڙي درٻارين کي

پاڻ تڪڙ هئي تہ هي وڃي، تہ ڏاڍيءَ خوشيءَ سان مون کي مدد ڀي ڏني. پنج سؤ ماڻهو منهنجي حڪم هيٺ ٻيڙي جي ٻن سڙهن لاهڻ لاءِ ڪم ۾ لڳايا ويا. انهي ڪم لاءِ هنن جي مضبوط ڪپڙي جا ٽيرنهن ٽيرنهن ٿان هڪ ٻئي مٿان ٽها ڪري ڪم آندا ويا. هنن جا ڏهہ ويهہ بلڪ ٽيهہ ٽلها ۽ مضبوط رسا وٺي پنهنجي ٻيڙيءَ جا رسا جوڙيم.

گهڻي ڳولا ڪان پوءِ سمنڊ جي ڪناري تي هڪڙو وڏو پهڻ لڌم، سو مون کي لنگر وانگي ڪم آيو. ٽن سون ڳئن جي چربي مون کي ٻيڙي جي مڪڻ ۾ ٻوڙي ڪن ٻين ڪمن ۾ ڪم آئي. ونجهن ۽ کوهن لاءِ ڏاڍي محنت ڪري ڪي وڏا درخت وڍيم. پر انهي ڪم ۾ مون کي شاهي جهاز جوڙيندڙن مدد ڏني جو منهنجي کهري کيل ڪم کي هنن لسو ٽي ڪيو.

مهيني کن جي اندر جڏهن سڀ شيون تيار ٿيون تڏهن مون شهنشاهہ کي چواٿي موڪليو تہ آءٌ هاڻ موڪل وٺندس، مون کي وڃڻ جو حڪم ملي. شهنشاهہ پنهنجي ساري شاهي ڪٽنب سميت محلات مان نڪري آيو، آءٌ هنجي هٿ چمڻ لاءِ اوندو ٿي پيس ۽ هن مهرباني فرمائي مون کي پنهنجو هٿ ڏنو. راڻيءَ ٻوڙي شهزادن ۽ انهن

[illegible] [illegible] موں کي [illegible] [illegible] العام ڏيڻون،
[illegible] سڄو [illegible] ۽ پنهنجي ساري قد
[illegible] [illegible] [illegible]. اها ته موں پنهنجي
[illegible] [illegible] ۽ [illegible] وڏي ته مٿان ٻاهر خراب
[illegible] [illegible] دوالي [illegible] مول [illegible] لي
[illegible] [illegible] ڏيڻا اچاهو آهي.

[illegible] سڄو ڏاڍه ۽ لي سڄو ونڊون ڪجهي پيڙيءَ ۾
[illegible] [illegible] [illegible] ماڻي ۽ ٻاڻي [illegible] ڪجھ جيترو
[illegible] [illegible] [illegible] [illegible] ساڻ [illegible] جيترو چار سؤ
[illegible] [illegible] [illegible]. [illegible] ۽ ڏالله
[illegible] [illegible] ونڊون ۽ [illegible] د ڪنير ڪ
[illegible] [illegible] ڏي نوان. نيڙي لي آنهن
[illegible] [illegible] آڻ [illegible] ڪري ۽ ڪسر ۽ وڏو
[illegible]

[illegible] آڻي [illegible] ڏڌ [illegible]
[illegible] [illegible] اجازت
[illegible] [illegible] [illegible] ڪش ته
[illegible] [illegible] [illegible] [illegible]
[illegible] [illegible] [illegible] ڪجهي ڪي
[illegible]

[illegible] [illegible] [illegible] ڪري سڄ
[illegible] [illegible] [illegible] [illegible]

اپرلدي ڏي ويندو ڏنم. منهنجو رخ سو اپرلدي هو. مون سڄو واري جهاز کي هاڪاري پر حوالي ڪرڻ مليم. اِهي هولدي پر ڏنم ته هوا جي گهڻي ڏنڊ ڪري آءُ ويس اِهي کي وڻندو بولدو. جيترو مون کان ٿي سگهيو اولرو وڌڻ لاء زور لاتم. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هن مولکي ڏٺو ۽ هڪڙي لوڻ جوڙيائين. اِهي ان مولکي جيڪا خوشي ٿي سا ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر آهي، جو آسرو ٿيم ته وري به هڪڙو ڀيرو پنهنجو پيارو وطن ڏسندس ۽ پنهنجن پيارن کي ملندس، حي جلدي آبو هوس.

جهاز پنهنجا سڄو ڊرا ڪما ۽ آءُ سيپٽمبر جي ٢٦ تاريخ شام جو ٥ ۽ ٦ جي وچ ۾ وڃي الهيکي پهتس. اِهي ان انگلند جون سرنون ڏسي منهنجي دل ٿيا ڏيڻ لڳي. مون پنهنجون ڳئون ۽ رڍون ڪٽي وڏي ڪوٽ جي ڪيبني ۾ وڌيون ۽ پنهنجو بيو سامان ڪٽي جهاز تي آيس.

پوءِ جيڪو سفر ڪيم تنهجي بيان ڪرڻ سان آءُ پڙهندڙ کي تڪليف نه ڏيندس. گهڻو ڪري تڪليف ڪانه ٿي ۽ سنه ١٧٠٢ جي اپريل مهيني جي ١٣ تاريخ آءُ ڊائونس ۾ پهتس.



ڀاڱو ٻيو

برابڊنگ نئگ ڏي درياهي مسافري

باب پهريون

ڪيپٽن گليور عجب جهڙن ماڻهن جي وچ ۾ وڃي پوي ٿو.

موٽي اچڻ کان ٻه مهينا پوءِ منهنجي قسمت ۽ منهنجي طبيعت وري مون کي ڪنيو ته هلي محنت ۽ بي آراميءَ جي حياتي گذاريان، تنهنڪري مون وري ٻه پنهنجو وطن ڇڏيو ۽ مزني جهڙي جهاز ائڊوينچر نالي ۾ چڙهي روانو ٿيس، جو سورت بندر ڏي وڃڻو هو. ڪيپ آف گڊ هوپ تائين [...] سفر ڏاڍو سٺائو هو. اتي لهي تازو پاڻي ڪنيوسين. [...]ر جهاز جي تري ۾ هڪڙي سير معلوم ٿي، [تن]هنڪري سامان لاهي وڌوسين ۽ سيارو اتي [گذ]اريوسين. ڪپتان بيمار ٿي پيو، تنهنڪري مارچ [...] ڇاڙيءَ کان اڳي اسين ڪيپ مان روانا ٿي [...] سگهياسين.

تنهن کان پوءِ اسين سڙهہ سنوان ڪري سمنڊ
تي لڪتاسين ۽ جيسين مڊاگاسڪر جو ڏکڻي سمنڊ
لنگھياسين تيسين تمام چڱي مسافري ڪئي سين.
پر جڏهن اُهي ٻيٽ جي اتر ڏي ڏکڻ وڪرائي
ڦاڪ جي پٺيان درجن تي آياسين تڏهن اپريل
جي ١٩ تاريخ واءُ ڏاڍي زور سان لڳو ۽ ڦري
الهندي جو ڦوڪ لڳو، تہ تہ هميشہ اُهن سمنڊن ۾
ڊسمبر جي شروع کان وٺي مئي جي شروع تائين
اُتر ۽ اُلهندي جي وچ جو واءُ هڪجهڙو لڳندو
آهي. اهو سخت واءُ ويهہ ڏينهن سالڌهہ پئي لڳو،
پوءِ ڦري اُلهندي ۽ ڏکڻ اُلهندي ڪنڊ جو ٿيو،
تہ بہ اجا زور وارو پئي لڳو.

اهي طوفان ۾، منهنجي حساب موجب، اسين
ڏکڻي اٽڪل ڏيڍ هزار ميل اُيرندي ڏي وياسين.
جهاز تي جيڪو ڇهون ۽ آزمودگار خلاصي هو
سو بہ ڪين چئي تي سگهيو تہ اسين دنيا جي
ڪهڙي پاسي ۾ آهيون.

سنہ ١٧٠٣ جي جون مهني جي ١٦ تاريخ هڪڙي
ڇوڪر ڪوهي جي چوٽيءَ تي چڙهي زمين ڏٺي. جڏهن
اُتي پهتاسين تڏهن ڪا ندي ڏٺي سين نڪر چشمو،
نڪر ڪن رهندڙن ماڻهن جو نشان ڏٺوسين. تنهن
ڪري اسان جا ماڻهو سمنڊ جي ويجهو تازي پاڻي

ڳولي لهڻ لاءِ ڪناري تي گهمڻ لڳا. آءٌ وري
ٻئي پاسي پنهنجي منهن ميل ڪن پنڌ جو ڪري
ويس. چوڌاري سڃ لڳي پيئي هئي. زمين
جبلائتي هئي. جڏهن بي ڪابه شيءِ ڏسڻ
۾ نه آئي ۽ آءٌ به هلي هلي ٿڪس، تڏهن آهستو
سمنڊ جي قات ڏي موٽيس. سامهون سمنڊ ۾
ڏٺو. اوچتو ڏسان ته اسان جا سڀ ماڻهو ڀڄندا
ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ جهاز ۾
پيا وڃن.

مون گهڻائي سڏ ڪيا پر هنن نه ٻڌا. اوچتو
ڏٺم ته هڪڙو وڏو جانور سندن پٺيان سمنڊ ۾ تکو
ڪاهيندو ٿو وڃي. گوڏن تائين پاڻيءَ ۾ وڏيون
ڀرانگهون ڀريندو ويو. پر اسان جا ماڻهو هن کان
ڏيڍ ميل به ميل اڳي هئا. اتي سمنڊ ۾ تکين چوٽين
وارا ٽڪر گهڻا هئا تنهنڪري اهو راڪاس جهاز
تائين پهچي نه سگهيو.

اها ڳالهه مون پوءِ ٻڌي، ڇا لاءِ جو آءٌ الهنڪي
ڏسڻ جي لاءِ اتي وڌيڪ ترسي نه سگهيس. پر
جنهن رستي سان آيو هوس تنهن سان تمام تکو
ڊوڙيس، ۽ پوءِ هڪڙي اڀ ڪپڙي ٽڪريءَ تي
چڙهي آس پاس ملڪ نهارڻ لڳس. ڏٺم ته چوڌاري
آبادي ٺيڪ آهي، پر اتي جو گاهه ڏسي مونکي ڀرينڊي

ڇڙوائي لڳي ويئي جو اهو انڪل ويهه فوٽ ٿلهو هو.
آءٌ هڪڙي وڏي سڙڪ تي اچي بيس، مگر
حقيقت ڪري اهو اتي جي رهاڪن لاءِ فقط هڪڙو
پيچرو هو. اهو ڇون جي ٻنيءَ ڏي ٿي ويو.
اُهي سان گڏ پنڌ ڪئين هليس ۽ ٻنهي پاسي کي
ٻه ڏسي نه سگهيس، ڇا لاءِ جو فصل تيار هو؛
آن جي پوک تمام ٿورو نه ته چاليهه فوٽ وڏي
هئي. اُهي ٻنيءَ جي ٻچاريءَ ڪانين وچ ۾ ٻه
مولڪي ڪلاڪ لڳي ويو. جيڪو اوڙهو اهي
کي جوڏاري آيل هو سو ته انڪل سوا سؤ فوٽ
وڏو هو. وڻ نه ايڏا وڏا هئا جو آءٌ انهنجي
اوچائي معلوم ڪري نه سگهيس.

اُهيءَ ٻنيءَ کان پوءِ لاڳيتي ٻنيءَ ۾ وڃڻ لاءِ ٻيو
هڪڙو وڏو ويهڻ لڳهڻ اهي ٿلهه چوڙي ٻنيءَ جي چوٽيءَ
تي ماڻهو وڃي ٿي سگهيو. اُهي ٿلهه تي چڙهڻ
منهنجي لاءِ تمام مشڪل هو، ڇا لاءِ جو هر هڪ
ڏاڪو ڇهه فوٽ مٿي هو؛ مٿيون ٻهڻ انڪل ويهه
فوٽ اونچو هو. مون مٿي هنيو ته اُهي اوڙهي ۾
ڪو ٻڙڪو يا وڃي هجي ته اُهي مان لنگهي وڃان، ته
اوچتو هڪڙو ماڻهو اتي جو رهاڪو، پاسي واري
ٻنيءَ ۾ ڏٺم، جو ٿلهه ڏي ٿي آيو. ايڏو وڏو هو
جهڙو اهو جو سمنڊ ۾ اسانجي جهاز جي پٺيان هو.

أهو ڊيول جي مناري جيڏو ڊگهو هو ۽ هر هڪ
ٻرانگهہ اٽڪل ڏهن ٻارڊن جي هيس. انهي کي
ڏسي مون کي ڏاڍو ڏپ ۽ عجب لڳو ۽ ٻاٽڪي
اَن جي ٻوڪ ۾ لڪائڻ لاءِ انهي ٻاسي ٻڳس. اتان
اکي ڏنم ته هو ٻند لي چڙهي سڄي هٿ پاسي
واري ٻنيءَ ڏي مڙي پيو نهاري. هن اهڙي
وڏي آواز سان سڏ کيو جو بگل جي آواز کان
گهڻو گرو هو. ٻر انهي جو ٻرلاءِ هوا ۾ ايڏو ٿيو
جو مون سمجهيو ته أپ ٿو گجي. انهي آواز تي
هن جهڙا ست ٻيا راکاس وٽس اچي لڪتا. هٿن
۾ ڏاٽا هٿن. هر هڪ ڏاٽو اسانجن ڇهن ڏاٽن
جيڏو هو.

انهن ٻونين ماڻهن کي هن ٻهرئين ماڻهوءَ جهڙا
ڪپڙا نه هٿا. اهي هن پهرئين جا نوڪر يا پورهيت
تي ڏنا، جا لاءِ جو هنجي ڪي ڳالهائڻ تي هووري
آتي اَن لڻڻ لڳا، جتي آءٌ لڪو ويٺو هوس. مونکان
جيترو تي سگهيو اوترو هنن کان پري رهيس. مگر
ويڙيل ڪانا جي ڪٽي هڪ فوٽ کان پري
نه هٿا، تنجي وچان آءٌ ٻاڻ کي ڏاڍي ڏکيائي سان
لنگهائي تي سگهيس. انهي هوندي به مون اڳتي
وڌڻ لاءِ زور لاتو. نيٺ ٻنيءَ ۾ انهي هنڌ آيس
جتي مينهن ۽ واءَ جي ڪري اَن جا ڪانا ڪِري

حيراني لڳي وئي جو اهو انڪل ويھ فوٽ ڊگهو هو.
آءُ هڪڙي وڏي سڙڪ تي اچي پيس، مگر حقيقت ڪري اهو اُن جي رهاڪن لاءِ فقط هڪڙو پيچرو هو. اهو جُون جي ٻنيءَ ڏي ٿي ويو. اُهي سان ڪجھ پند ٿائين هلڻ ۽ ٻنهي پاسي ڪي ٻه ڏسي نه سگهيس، ڇا لاءِ جو فصل تيار هو؛ اُن جي بوٽا تمام ٿورو نه ته چاليھ فوٽ وڏي هئي. اُهي ٻنيءَ جي ٻچاريءَ ٿائين وڃڻ ۾ نه مونکي ڪلاڪ لڳي ويو. جڏهن لوڙهو اُهي کي ڀوڏاري آيل هو سو نه انڪل سوا سؤ فوٽ وڏو هو. وڻ نه ايڏا وڏا هئا جو آءٌ انهنجي اوچائي معلوم ڪري نه سگهيس.

اُهيءَ ٻنيءَ ڪان ٻيءَ لاڳيتي ٻنيءَ ۾ وڃڻ لاءِ وچ ۾ هڪڙو وڏ ڏيڍوڻ لنگهي اُهي ٻند جوڙيءَ ٻنيءَ جي چوٽيءَ تي ماڻهو وڃي ٿي سگهيو. اُهي ٻند تي چڙهڻ منهنجي لاءِ تمام مشڪل هو، ڇا لاءِ جو هر هڪ ڏاڪو ڇهه فوٽ مٿي هو؛ مٿيون ڀاڱو انڪل ويھ فوٽ اوچو هو. مون مٿوٽ هنبو ته اُهي لوڙهي ۾ ڪو ڳڙکو يا وٿي هجي ته اُهي مان لنگهي وڃان نه اوچتو هڪڙو ماڻهو اُن جو رهاڪو پاسي واري ٻنيءَ ۾ ڏٺم، جو ٻند ڏي ٿي آيو. ايڏو وڏو هو جهڙو اهو جو سمنڊ ۾ اسان جي جهاز جي پٺيان هو.

أهو ديول جي مناري جيڏو ڊگهو هو ۽ هر
برالگهه انڪل ڏهن يارڻن جي هيس. انهي
ڏسي مون کي ڏاڍو ڊپ ۽ عجب لڳو ۽ پاڻک
اَن جي پوکه ۾ اڪائڻ لاءِ انهي پاسي پڳس. اڳان
لکي ڏنم ته هو بند تي چڙهي سڄي هٿ پاسي
واري ٻنيءَ ڏي مڙي پيو نهاري. هن اهڙي
وڏي آواز سان سڏ ڪيو جو بگل جي آواز کان
گهڻو ڳرو هو. ڀر انهي جو ڀر لاءِ هوا ۾ ايڏو تيو
جو مون سمجهيو ته أپ ٿو گجي. انهي آواز تي
هن جهڙا ست ٻيا راڪاس وٽس اچي نڪتا. هتن
۾ ڏاٽا هئن. هر هڪ ڏاٽو اسانجن ڇهن ڏاٽن
جيڏو هو.

انهن ٻن ٻنين ماڻهن کي هن ٻهرنين ماڻهوءَ جهڙا
ڪپڙا نه هئا. اهي هن ٻهرنين جا نوڪر يا پورهيت
ي ڏاٿا، چا لاءِ جو هنجي ڪي ڳالهائڻ تي هو وري
ي اَن لڻڻ لڳا، جتي آءٌ لڪو ويٺو هوس. مونکان
ترو تي سگهيو اوترو هنن کان پري رهيس. مگر
يل ڪانا جي ڪٽي هڪ فوٽ کان پري
ئا، تنهي وچان آءٌ ڀاڻ کي ڏاڍي ڏکيائي سان
اني تي سگهيس. انهي هوندي ٻه مون اڳتي
لاءِ زور لاتو. نيٺ ٻنيءَ ۾ انهي هند آيس
مينهن ۽ واءَ جي ڪري اَن جا ڪانا ڪري

سٽا ٿي پيا هئا. الهي نه ھڪڙي وڪ به کڻي نه ٿي سگهيس، جو ڪانا اهڙا ٻاهر نڪري پيا هئا جو آءٌ هنن منجهان سري ڪري نه ٿي سگهيس. ۽ جُون جي ڪرڙن سنگن جا تهه اهڙا سخت ۽ چهنبارا هئا، جو منهنجن ڪپڙن مان لنگهي ٻئي پار ٿي پيا.

ساڳئي وقت ۾ مون لطف وارن جو آواز ٻڌو، جي منهنجي پٺان سؤ وارن کان پري نه هئا. آءٌ ڏاڍو ٿڪجي پيو هوس ۽ نهايت ڏکارو ۽ نا اُميد ٿي ٻن ٽِنن جي وچ ۾ ليٽي پيس ۽ اها دعا پئي ڪيم نه الهي منهنجا ڏينهن پورا ٿين.

چالم نه وڃاري بيوه زال ۽ يتيم ٻار الهجي ڪئين ڪندا. دل ۾ چيم نه ڏاڍي بيعقلي ۽ اڻواڻي ڪيم جو ٻهڙين سيني دوستن ۽ مائٽن جي مرضيءَ جي برخلاف هن ٻيءَ مسافريءَ لئي نڪتس.

اهڙي غمگيني ۽ ملولائي جي حالت ۾ مون کي للي پٽ ياد پيو، جتي جا ماڻهو مون کي دنيا ۾ ھڪڙو نهايت عجب مخلوق سمجهندا هئا ۽ جتي آءٌ هنن جا سڀ جنگي جهاز هٿ سان ڇڪي وٺندو هوس ۽ اهڙا ٻيا ڪم ڪندو هوس جي انهي بادشاهت جي تاريخن ۾ هميشه قائم رهندا. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيڻ لڳو نه هن قوم ۾ آءٌ اهڙو ننڍڙو شمار ۾ اچان جهڙو للي پٽ جو ھڪڙو

ماڻهو جيڪر اسان وٽ شمار ۾ اچي.

۾ مون ڇا ٿو ته منهنجي لاءِ اها تمام هلڪي مصيبت ٿيڻي هئي، ڇا لاءِ جيئن اسان قد جي نظر تي زياده جهنگلي ۽ ظالم ٿيندا آهن تيئن ڪ هيم ته هنن ديون يا راڪاسن مان جيڪو ۾ پندي مونکي ڪڙيندو سو مونکي هڪڙو گرهه مس ڪندو.

مونکي اهڙو ڊپ هو جو اهڙا خيال گهڻي تائين ڪري نه سگهيس. اوچتو لڻڻ وارن مان هڪڙو منهنجي لڪڻ واري جاءِ جي ڏهن پارڊن اندر ويجهو آيو. مونکي اهو ڊپ ٿيو ته جي پيو قدم ۾ولدس يا سندس ڏاٽي سان وڍجي ٻه اڌ ٿي وندس. تنهنڪري وري جڏهن چرڻ جي ڪيائين ڏهن ڊپ کان مون ڏاڍي رڙ ڪئي. تڏهن هن يو پنهنجو قدم ڪٽي نئيو ڪيو ۽ ڪجهه تائين هنجي هيٺان لهاري لهاري نيٺ مونکي زمين سئل ڏٺائين.

هن ٿوري تائين خيال ڪيو، جيئن نه ڪو نهن ڪنئي يا جيت وندي سنڀال ڪري ته متان بدو ڏئي يا چڪ هڻي. نيٺ هن مونکي پنيان ه کان چپٽيءَ سان ڪنيو ۽ اکين کان ٽن پارڊن آندائين ته منهنجي شڪل چٽائي ڏسي. مون

ھن جو مطلب سمجھيو ۽ خوش قسمتيءَ جي ڪري
مولڪي انھي ھال اهڙي ھمت آئي جو مون ارادو
ڪيو تہ جيئن ھو مولڪي ھوا ۾ ڪيو ٻيو ھو ليئن
ذرو بہ نہ چوان تہ متان ھنجي آڱرين مان ترڪي
ڪري پوان جيتوڻيڪ ھن جي چمٽيءَ جي زور
ڪري منھنجا پاسا پي ڏکيا.

مون رڳو ايترو ڪيو جو اکيون کڻي سج ڏي
ڏٺيم ۽ ھٿ ٻڌي ڏاڍي ڏکاري آواز سان پنھنجي
حال وٽان ڪو عرض ڪيم. ڇا لاءِ جو مولڪي
ڊپ ھو تہ اھو تہ مولڪي زمين تي اُڇلائي،
جيئن اسين ڪنھن ڪرھت جھوڙي ڪٽين کي ناس
ڪرڻ جي ارادي ڪندا آھيون. پر منھنجا نصيب
چڱا ھئا جو ھنکي منھنجو آواز ۽ منھنجا اشارا وڻيا
ويا ۽ ھو مولڪي عجب جھڙو جيئن سمجھڻ لڳو
۽ منھنجي ڳالهائڻ تي حيرت لڳس جيتوڻيڪ ھو
سمجھي نہ سگھيو.

انھي وچ ۾ آءٌ سڏڪن ڀرڻ ۽ ھنجن هارڻ کان
رھي نہ سگھيس ۽ منھ پاسي ڏي لاڙيم تہ ھنکي خبر
پوي تہ سندس آڱرين ۽ آڱر جي زور ڪري مولڪي
ايذاءِ ٿو رسي. پالشي ٿو تہ ھن منھنجو مطلب پروڙيو
ڇا لاءِ جو پنھنجو ڪوٽ جو پلؤ کڻي مولڪي آھستو
لاھي انھي تي رکيائين. ۽ ھڪدم ڊوڙي پنھنجي

ڏٺيءِ وٽ ويو جو زميندار هو ۽ اهو ساڳيو شخص هو جنهن کي مون پرينديءَ ئي ٻنيءَ ۾ ڏٺو هو.

هن جي ڳالهائڻ مان مون سمجهيو ته زميندار پنهنجي نوڪر جو بيان ٻڌي هڪڙو ڪک ڪنيو جو لٽ جيڏو هو ۽ انهي سان منهنجي ڪوٽ جا پلؤ ڪٽي ڏٺاءِ. پاليائين ته اهو ٻه ڪو منهنجي بت جو قدرتي پوش آهي. هن نوڪرن ڏئي منهنجا وار پاسي ڪيا انهي لاءِ ته منهنجو منهن چٽائي ڏسي. هن پنهنجن ماڻهن کي پاڻ وٽ سڏي پڇيو ته اوهان ڪو هن جهڙو جيت هنن ٻنين ۾ ڪڏهن ڏٺو.

پوءِ هن مون کي آرام سان زمين تي ڪٽي اوندو رکيو پر آءٌ جهٽ ۾ اٿي بيٺس ۽ آهستو هيڏي هوڏي هلڻ لڳس ته پلي هنن کي خبر پوي ته آءٌ ڀڄڻ وارو نه آهيان. هو سڀ مون کي چوڌاري حلقو هڻي ويهي رهيا انهي لاءِ ته چٽائي ڏسن ته آءٌ ڇا ٿو ڪريان. مون پنهنجي ٽوپي لاهي ڪنڌ جهڪائي زميندار کي سلام ڪيو ۽ گوڏن ڀر ويهي ۽ اکيون مٿي ڪري تمام وڏي سڏ ڪي ڳالهايم ۽ پنهنجي کيسي مان سون جي ڳوٿرن جو ٿيلهو ڪڍي نياز سان نذرانو ڪري ان جي اڳيان رکيم.

هن اهو پنهنجي ٽوپيءَ ۾ ورتو ۽ اکين جي
اڳيان جهلي ڏٺاءِ ته ڪوڙيءَ شيءِ آهي، ۽ پنهنجي
آستين مان هڪڙي ننڍي ڪلدي آڻي ان سان
ڪترائي پيرا اُن کي اُٿلائي پٿلائي، ۽ سياڻي
۽ سگهڙ ته جا آهي. تنهن مون اشاري سان
چيس ته پنهنجو هٿ زمين تي رکي. هن ائين ڪيو

۽ مون ٻنهيءَ مان سڀ مهرون هن جي ٽوپيءَ ۾
هاري وڌيون. ڇهه سڀن جون مهرون ۽ ويهه
پائليه ٻيا ننڍيا سڪا هئا. مون ڏٺو ته هن پنهنجي

چيچ جي چوٽي زبان تي لڳائي هڪڙي مهر کڻي
ورتي، ۽ وري ٻي ڪنياءِ. ۽ انهن ٻي معلوم
ٿيو ته هنکي خبر نه پئي ته اهي ڇا آهن. هن مون
کي اشارو ڪري چيو ته اهي وري ٻنهيءَ ۾ وجهه.
ائين ڪري ٻئون وري پنهنجي کيسي ۾ وڌم جو
هن کي اهو ڪترائي پيرا آڇيم ۽ هن ولٽ جو
خيال نه ڏيکاريو.

ايتري مان زميندار کي پڪ ٿي ته آءٌ سمجهه
وارو جانور آهيان. هن گهڻائي پيرا مون سان ڳالهايو
۽ هن جو آواز ٻاٽيءَ جي چڪيءَ جي آواز وانگي
منهنجن ڪنن کي چيريندو ويو. اهي هولڊي ۽
هن جا لفظ چٽا اچارڻ ۾ پئي آيا. مون ڪيترين
ٻولين ۾ وڏي آواز سان جواب ڏنو. ۽ هن ذري

ذري پنهنجو ڪن لاهي مون کان ٻن ٻارڊن تي آڪي تي جهليو، پر اسين هڪ ٻئي جو مطلب اصلي نه سمجهي سگهياسين.

تنهن کان پوءِ هن پنهنجن نوڪرن کي پنهنجي ڪم تي موڪليو ۽ ڪيسي مان رومال ڪڍي پيٽو ڪري پنهنجي کبي هٿ تي ڪٽي وڇاياءِ ۽ هٿ ڪٽي پنيرو زمين تي رکياءِ ۽ اشاري سان مون کي ترڪيءَ تي وهڻ لاءِ چياءِ. هٿ فوت ڪن تلهو هو، تنهن ڪري آءٌ آسانيءَ سان ٽپ ڏيئي انهي تي چڙهي ويس. مون حڪم ميڻ فرض سمجهيو ۽ ڪرڻ جي ڊپ کان سنئون تي رومال تي سمهي پيس. رومال جي باقي پاڪي سان هن وري مونکي مٿي تائين ڍڪي ڇڏيو، ته زياده سلامتي هجي. انهي حال ۾ هو مونکي کڻي پنهنجي گهر هليو.

اتي هلي هن پنهنجي زال کي سڏيو ۽ انهي کي ڪپڙو لاهي منهنجي شڪل ڏيکاريائين. پر هوءَ دانهن ڪري پٺتي پڳي؛ جيئن نه انگلنڊ ۾ زالون ڏيڏر يا ڪوريئڙي ڏسڻ تي ڪنديون آهن. انهي هوندي به جڏهن هن منهنجي هلت چلت ڏٺي ۽ ڏٺائين ته آءٌ ڪيئن سندس مڙس جا اشارا سمجهان ٿو تڏهن جلدئي هوءَ خوش ٿي ۽ درجي بدرجي مون تي تمام مهربان ٿيڻ لڳي.

ٻه ٻارن جو هڪڙو نوڪر ماني کڻي آيو.
سادي طعام جي فقط هڪڙي رڪابي هئي،
ڇهن هاري ماڻهو کائيندا آهن. اها رڪابي چوويهه
فوٽ قطر ۾ هئي. زميندار، سندس زال، ٽي ٻار
۽ هڪڙي سندن نائي سڀئي گڏجي اها کائڻ ويٺا.
زميندار مولڪي ميز تي ٿورو ٻرپرو کڻي رکيو جو
اها زمين کان ٽيهه فوٽ مٿي هئي.

مولڪي ڏاڍو ڊپ هو ۽ ميز جي ڪناري
کان جيترو اڏريو ٿي سگهيو اوترو رڙهي ويٺس
ته متان ڪري پوان. زال گوشت جو هڪڙو
ٽڪر وڍي ذرا ذرا ڪري انهيءَ ۾ ماني ٽڪر
پوري مانيءَ جي تختي تي رکي منهنجي اڳيان
رکيو. مون نوڙي کيس سلام ڪري پنهنجو
ڇري ۽ ڪانٽو کنيو ۽ کائڻ لڳس. اهو
ڏسي هنن کي ڏاڍو مزو لڳو. زال پنهنجي
نوڪرياڻيءَ کي ٻاٽليءَ جي ننڍڙي پيالي آڻڻ لاءِ
چيو. اها ٻن گئلن جي ماپ جي هئي. انهيءَ ۾
هن شراب وڌو.

مون ڏاڍي مشڪلات سان اهو پيالو ٻنهي هٿن
۾ کنيو ۽ ڏاڍي ادب ۽ تعظيم سان انهيءَ مائي جي
تندرستيءَ جي دعا ڪري پي ورتس. جيڪي جملو
سو انگريزيءَ ۾ چيم ۽ وڏي آواز سان چيم ته هن تي

هو اهڙا ٽهڪ ڏيڻ لڳا جو منهنجا ڪن ٻوڙا ٿيو
پيا ويا. شراب سواد ۾ صوفي مان نڪتل شراب
جهڙو هو ۽ خراب ڪين ٿي لڳو. تنهن ڪانپوءِ زميندار
مونکي پنهنجي رڪابيءَ جي پاسي وٽ اچڻ لاءِ چيو.
آءٌ حيرانيءَ ۾ ميز تان پنڌ ڪندو ٿي آيس ته رستي
۾ ماڻيءَ جي هڪڙي ٻور تي آڱر جي پيس ۽ منهن
ڀر وڃي ڦهڪو ڪيم، پر ايذاءُ ڪونه پهتم.

آءٌ هڪدم ٽپ ڏيئي اٿيس. ميز تي ويٺلن
ماڻهن کي مون تي قياس آيو، تنهنڪري مون
سندن تعظيم لاءِ پنهنجي ٽوپي لاهي ڪڇ ۾
ڪئي ۽ مٿي جي مٿان ڦيرائي ٽي ڀيرا خوشيءَ
جو نعرو هنيم، انهي لاءِ ته ڏيکاريان ته ڪرڻ
ڪري مونکي ڪو ايذاءُ نه آيو آهي. پوءِ آءٌ
زميندار وٽ هلي ويس، جنهنکي اڳتي آءٌ پنهنجو
ڏڻي سڏيندس. سندس ننڍو پٽ جو سندس
پاسي ۾ ويٺل هو ۽ فقط ڏهن ورهين جو ڇوڪرو
هو، تنهن مونکي ٽنگن کان وٺي کنيو ۽ هوا ۾
ايترو مٿي کڻي جهليائين، جو منهنجو عضوو عضوو
ي ڏڪيو. پر پٽس سندس هٿن مان مونکي کڻي
رتو ۽ هنکي ڪن تي اهڙو گهوسو هنيائين،
جو جيڪر يورپي گهوڙن جي لشڪر کي زمين
ي ڪيرائي وجهي ها. پوءِ حڪم ڏنائين ته

مولکي ميز تان وٺي وڃن.

مولکي ٻه ٽيو ته مٿان اهو ڇوڪر مون سان وڏو رکي ۽ خبر هئم ته اسانجا ڇوڪر ،ڇوڪريون ۽ سون ۽ ڪٿن جي ٻلونگڙن کي حرڪت ڪري ڪيترو نه ايذاءِ پهچائيندا آهن. لنهڪري ڪوڏن ٻر ويٺي اشارن سان عرض ڪيم ته آءٌ سندس پٽ کي معافي ملڻ تو گهران. ٻيءَ اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ ڇوڪر وري پنهنجي جاءِ تي ويٺي رهيو. مون وڃي سندس هٿ چميو. پوءِ اهو هٽ وٺي الهي سان آهستو منهنجا پنا ٽيرڻ لڳو.

مالي ڪائيندي منهنجي ڏياڻيءَ جي هڙيل ٻلي ٽپ ڏيئي سندس جهوليءَ ۾ ويهي رهي. انهي وقت مولکي پنيان اهڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جهڙو ڏهه ٻارهن جوراب اٽندڙ ڪلن سان ڪندا آهن. جڏهن مٿو ورائي ڏٺم لڏهن معلوم ٿيم ته ٻلي ٽي اهو پيار جو آواز ڪري. ٻلي ته قد ۾ ٽن ڏينهن جيڏي هئي، جو الهيجي مٿي ۽ چنن مان مولکي انهن ٻي معلوم ٿيو، سندس ڏياڻي ڪيس وٺي ڪاراٺو ۽ ٽيرڻ ٻه. ٻليءَ جي خوفناڪ شڪل ته مولکي ڏيڄاري ڇڏيو جيتوڻيڪ آءٌ ميز جي ٻرالهين ڪنڊ تي هوس ۽ اٽڪل پنجاهه فوٽ پري هوس. جيتوڻيڪ مائي الهي کي قابو جهليو

وڃني هئي ته به مونکي ٻڌپ هو ته مٿان ٽپ ڏيئي مونکي پنهنجن چنبن ۾ جهلي. ۽ حقيقت ڪري ڪو به ٻڌپ جو سبب ڪو نه هو، ڇالاءِ جو ٻليءَ مون ڏي ڪو به خيال ڪو نه ڪيو ۽ منهنجي ڏٺيءَ مونکي انهيءَ ڪان ٽن ٻارڻن جي اندر ڪٺي رکيو.

